ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

# علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جي ڪلام جو اڀياس

# A RESEARCH SYUDY OF POETRY OF ALLAMA MUHAMMAD TARIQ ALI NAJAFI TARK


## ABSTRACT

Allama Muhammad Hidayat Ali Najafi Tarik was a renowned mystic poet and writer of the 20th century, who wrote in more than seven languages. He was a versatile writer and penned down 200 books in both prose and poem and in almost all the fields of writing. His poetry covers a variety of subjects, like mysticism, ethics and self-reformation. Besides, he has reedited matchless Kafis and Ghazals, whose content is so powerful that these have joined wide popularity all over the Sindh.

In this paper, an attempt has been made not only to highlight the work of Hidayat Ali Najafi Tarik, but to discuss the work of Syed Azhar Gilani, Dr. Nawaz Ali Shouq and Muhammad Mubarak Brohi. Dr. Nawaz Ali Shouq did his Ph.d on the life and works of Allama Najafi. A major portion of this article is devoted to the works of Allama Najafi coupled with his translations, which would be of a great interest and knowledge of both general readers and scholars, too.


ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي. سنڌي ادب ۾ سندس نانءُ وڏو آهي. هن سنڌي ادب جي خدمت ڪرڻ ۾ وسان ڪو نہ گهٽايو آهي. اڄ تائين سندس ڪيترا ئي مقالا ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن ۽ ڇپجندا رهن ٿا. هن ادب جي هر پهلوءَ تي خوب قلم آرائي ڪئي آهي. تحقيق، تربيت ۽ ترجمن جي صورت ۾ پاڻ ملهايو اٿس. سنڌ جي صوفي بزرگن، درويشن ۽ شاعرن جي ڪلام کي سهيڙي سوڏي سنواري ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪندو رهيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي گمنام شاعرن کي متعارف ڪرايو اٿس. علامہ طارق تي بہ هُن پي ايچ-ڊي ڪئي آهي.

جڏهن ڪان سيّد اظهر گيلانيءَ ۽ فقير قادر بخش المعروف قادن فقير تونئي (لعلو راونڪ) جن سان منهنجو ناتو جُڙيو تڏهن کان حضرت علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جي تصنيفن ۽ شعر و شاعريءَ کان واقف ٿيس. فقير قادن ۽ سيد اظهر گيلاني علامہ تارڪ جي هر حال کان واقف هئا. آئي وئي کي علامہ تارڪ جون ڳُڻن ڀريون ڳالهيون ڳَهير ٿي ٻڌائيندا هئا مگر ڳالهيون ڪندي علامہ جي شاعري ٻڌائيندي ٿڪبا ئي ڪين هئا. مون کي بہ علامہ جي ڪم تي نظر رکڻ جو موقعو هنن ٻنهي شخصيتن ۽ هستين کان حاصل ٿيو. اهڙيءَ طرح علامہ نجفيءَ ۽ سندس ڪم سان عقيدت ۽ محبت ۾ اضافو ٿيندو رهيو.

حضرت علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ تي جن اديبن ۽ عالمن ڪم ڪيو آهي اُنهن ۾ پهرئين نمبر تي سيّد اظهر گيلاني (گهوٽڪي) ۽ ٻئي نمبر تي ڊاڪٽر نواز علي شوق جو نالو وٺي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت محمد مبارڪ بروهيءَ کي بہ نہ ٿو وساري سگهجي. هُن تارڪ سائينءَ تي ڪو وڏو ڪم نہ ڪيو آهي پر سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان علامہ تارڪ جي ڪم تي مختصر طور تي هن ايم اي جو مونوگراف (1965ع) لکي ڪجهہ حق ادا ڪيو آهي. سندس هيءَ مقالو اڄ تائين اشاعت هيٺ نہ اچي سگهيو آهي. هيءُ مونوگراف بہ علامہ تارڪ جي شخصيت ۽ زندگيءَ بابت اڌورو ۽ اڻپورو مواد پيش ڪري ٿو. انهن کان پوءِ هيءُ ٻندو علامہ تارڪ سائينءَ متعلق نُور نچوئيندو، سرگرم ۽ سرگردان آهي. مون مختلف مقالا ۽ مضمون لکي علامہ سائينءَ کي متعارف پئي ڪرايو آهي. هن سلسلي ۾ منهنجو اهڙو پورهيو گهٽ ٿيو آهي پر اڃان بہ تحقيق، ڳولها ڦولها، جاکوڙ ۽ جُستجو جاري آهي. علامہ تارڪ جا جيڪي شهپارا مون کي معلوم ٿيا يا هٿ لڳا آهن تن جو اڳتي ذڪر ڪيو ويندو.

طويل مدت کان پوءِ ڊاڪٽر نواز علي شوق جي پي ايچ - ڊيءَ جو مقالو سنڌ ثقافت کاتي سال 2012ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو:

”مون هيءَ ٿيسز 1978ع ۾ مڪمل ڪئي هئي. دل تہ گهڻو ئي چاهيندي هئي تہ منهنجو هيءُ تحقيقي مقالو ڪتابي صورت ۾ شايع ٿئي پر مون وٽ ايترو پئسو ڪو نہ هوندو هو. ثقافت کاتي پاران هڪ اشتهار ڏنو ويو تہ جن اديبن، عالمن وٽ مُسودا پيل آهن سي ڇپرائڻ لاءِ ثقافت کاتي کي موڪلي ڏين. مون بہ بسم الله الرحمٰن الرحيم چئي پنهنجو پي ايچ - ڊيءَ جو مقالو موڪلي ڏنو. ياڳ پلا جو اهو مقالو پبليڪيشن ڪميٽيءَ ڇپرائڻ جي سفارش ڪئي ۽ منهنجو هيءُ تحقيقي مقالو شاندار نموني ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. (ص: 12-13)

هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق جيڪي باب رکيا آهن تن جو وِچُور

هن ريت آهي:

سوانح عمري، ادبي صورتحال، تارڪ جا دوست ۽ ساٿي شاعر، تارڪ جي شاعريءَ جو ادبي جائزو ۽ متن. بعد ۾ جن ڪتابن تان استفادو ڪيو اٿس اُنهن جو ترتيبوار تفصيل آهي.

سڀ کان پهريان ڪتاب جو انتساب سيد اظهر گيلانيءَ ڏانهن ڪري نيڪ ڪارنامو سرانجام ڏنو اٿس. وچور کان پوءِ پبلشر جو نوٽ، پهريان ٻه اکر ۽ پيش لفظ عنوان ڏنا ويا آهن. ڪتاب 303 صفحن تي مشتمل آهي. متن 193 کان 299 تائينءَ جي صفحن يعني 106 تي روشني وجهي ٿو. سيد اظهر گيلاني سنڌي ادب جو وڏو نالو ۽ اڻ مٽ نشان آهي. سيد سائينءَ سنڌي ادب ۾ اٽڪل 212 ڪتاب لکيا آهن، جن مان هڪ سَو جي لڳ ڀڳ شاعريءَ جا آهن. شاعريءَ ۾ غزل جا ويهه ديوان لکيا اٿس. هيءُ هڪ وڏو ڪارنامون آهي. غزل ۾ ايترا ديوان ڪنهن ٻه ٻئي شاعر ڪو نه لکيا آهن. باقي ڪتاب مختلف عنوانن تي آهن. سيد اظهر گيلانيءَ کي علامه تارڪ سان بي پناهه عقيدت ۽ محبت هوندي هئي. مون ٻه سيد اظهر گيلانيءَ جي صحبت ۾ ڪجهه عرصو گذاريو آهي. جڏهن ٻه ڪا گفتگو ٿيندي هئي ته علامه تارڪ جو ڪو نه ڪو شعر يا ڪو پورو غزل ٻڌائي سيد اظهر گيلاني لُطف اندوز ۽ محظوظ ڪندو هو بلڪ وقفي وقفي سان علامه نجفيءَ جو خوب ذڪر ٻه ڪندو هو. سيد سائينءَ جي ان صحبت مون کي علامه تارڪ جي احوال ۽ سندس تصنيفن کان واقف ڪيو. انهن ڏينهن کان وٺي علامه تارڪ سائينءَ جي شاعريءَ ۽ تصنيفن ڏانهن منهنجو لاڙو وڌيو ۽ ٻه چار مُسودا (قلمي) ڳولهي ڦولهي انهن جي فوٽو اسٽيٽ ڪرائي پاڻ وٽ رکيم ۽ اصلي مخطوطا اصل مالڪن کي واپس ڪيم.

علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ گهڻ پاسائين شخصيت آهي. مٿس ڪيترا ئي تحقيقي مقالا لکرائي سگهجن ٿا ڇو ته هو باڪمال ۽ لاثاني شاعر ۽ مُصنف جي حيثيت رکي ٿو. اهڙيءَ ريت بسيارگو شاعر پڻ آهي. هن اٽڪل نون ٻولين ۾ شاعري ڪيائين پر هن وقت سندس ڪلام ستن ٻولين ۾ ملي ٿو. ان کان سواءِ اُردو، عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ نثر ٻه خوب لکيو اٿس ۽ مختلف ڪتابن جا سنڌيءَ مان فارسيءَ، فارسيءَ مان سنڌيءَ ۽ عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجما ٻه ڪيا اٿس. ڪي طبعزاد ڪتاب پڻ لکيائين ڇو ته ڪيس هميشه لکڻ جي جستجو هوندي هئي ۽ واندو ويهڻ کي بيڪار سمجهندو هو. جيئن عطار جي قصيدي جي مُنڍ ۾ چوي ٿو:

تــــو لــڪـــــان مـــــون قصـــــيدءِ عـــطـار
جـــو مـــون کــي ريءَ لـــڪــڻ نـــہ آهـــي ڪــار

عمر جي نهايت قليل عرصي ۾ نثر ۽ نظم ۾ ڪافي ڪتاب لکيائين. ڪن

ڪتابن جون ٻه ٻه ڪاپيون ٻه تيار ڪيائين. سندس تصنيفن جو تعداد 200 کن تائين پهچي ٿو. نثر ۾ تحقيق ۽ ترجمن جي صورت ۾ ڪجهه تصنيفون موجود آهن ۽ نظم ۾ ته پلر پلٽيا ۽ واهڙ وهايا اٿس. نظم جي اُها جنس نه آهي، جنهن تي علامه سائينءَ طبع آزمائي نه ڪئي هجي. ٿيسز ۾ نظم جون مڙئي جنسون درج ڪيون ويون آهن. جهڙوڪ: غزل، رباعي، ڪافيون، بيت، جهولڻا، قطعا، مثلث، مربع، مخمس، مسدس، ترڪيب بند وغيره. مطلب ته علام تارڪ سائينءَ هر صنف تي خوب لکيو آهي. مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سنڌي ادب جي خدمت ۾ ٻئي نمبر تي علامه تارڪ نجفيءَ جو نالو شمار ڪري سگهجي ٿو. جيترو علامه تارڪ عمر جي ٿوري عرصي ۾ لکيو آهي، شايد ايترو ٻئي ڪنهن ٻه ڪونه لکيو آهي. ائين ڪٿي چئجي ته علامه نجفي ڄمندي ئي ڄام هو ڇو ته روزي نماز جو پابند، هر فتني کان پري، زندگيءَ جي قيد کان آزاد، تصوف جو ڄاڻو، ڪيترين ئي ٻولين جو ماهر ۽ شاعر، اديب ۽ عالم فاضل، عاشق صادق، سُهڻو سيبتو سُخنور هو؛ هن جو نه جوڙ جيس نه وري همسر هو؛ مڙني شاعرن، اديبن ۽ عالمن کان مختلف، نِينهن ۾ نشانبر، موسيقيءَ کان ٻليءَ ٻَت واقف، ثاني سچل، هر دل عزيز، خُدا پرست ۽ حُسن پرست مطلب ته مڙني خوبين جو مالڪ هو.

ڊاڪٽر نواز علي شوق جي مذڪور تحقيقي مقالي جو مون پورو پورو مطالعو ڪيو آهي؛ منجهنس ڪيترين ئي پُروفن جون چُڪون آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب کان ڪي ڳالهيون رهجي ويون آهن جن جي نشاندهي ڪرڻ ضروري سمجهيم.

ڊاڪٽر شوق صاحب علامه تارڪ جو شُجرو فقير قادر بخش کان پُڇي لکيو آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر شوق علامه سائينءَ جي ترجمي ڪيل ڪتاب "عمدة الطالب في انساب آل ابو طالب" جو غور سان مطالعو ڪري ها ته ڊاڪٽر صاحب کي صحيح معلومات ملي وڃي ها. هن ڪتاب جي پهرئين صفحي تي علامه سائينءَ پنهنجو شُجرو پاڻ لکيو آهي جيڪو هِن ريت آهي:

محمد هدايت علي ولد الهداد فقير اِبن شيخ محمد اِبن حيسب سعدو اِبن نظر اِبن نورو اِبن لعلو اِبن دائود اِبن لعلو اِبن محمد يعقوب اِبن سلطان طيّب اِبن شيخ عيسي اِبن شيخ الياس اِبن بهائوالدين بن نورالدين بن شمس الدين اِبن برهان الدين شهيد اِبن پير عباس اِبن پير بايزيد بن پير عبيد قريشي علوي المعروف تونيا فقير اولاد حضرت عباس بن علي بن ابي طالب.

ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب پنهنجي ٿيسز ۾ علامه سائينءَ جو شُجرو هن ريت لکي ٿو:

فقير هدايت علي پٽ فقير الله داد عرف تراب علي پٽ فيض محمد پٽ حبيب سعدالله پٽ نظر پٽ نور پٽ لعلو فقير پٽ نورو پٽ دائود پٽ برهان الدين

شهيد پٽ عباس پٽ بايزيد پٽ مجيد. (ص: 21)

علامہ تارڪ جو لکيل شجرو بلڪل درست ۽ مُستند آهي. ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا گهٽ وڌائي ڪا نہ آهي.

علامہ نجفي سائين اُهو واحد شاعر آهي جنهن جي ڪلام جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام مڙني خوبين جو اُڪٽ پنڊار آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق گهڻيءَ حد تائين جوڳو مواد جمع ڪيو آهي. هيءَ ٽيسز ڪارائتي ۽ نهايت موزون معلومات مهيا ڪري ٿي. اهڙيءَ ريت علامہ جي حال ۽ قال کان واقفيت ۾ واڌارو ڪري ٿي. ٿورن لفظن ۾ هيءُ تحقيقي مقالو علامہ نجفيءَ جي ڪيترن ئي پهلوئن کي اُجاگر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي.

علامہ جنهن دور ۾ پليو نِپنو، وڏو ٿيو سو عروضي شاعريءَ جو دور هو بلڪِ عروضي شاعريءَ جي اوج عروج جو عرصو هو. خاص ڪري غزل کي هن ئي دور ۾ وڏي هٿي ملي. مير عبدالحسين خان سانگيءَ، مُرتضائي ٺٽويءَ، مُجتبائيءَ، حاجي فضل محمد ماتم حيدرآباديءَ، محمد هاشم مخلص، شمس الدين بُلبُل، زمان شاهہ، علي نواز علويءَ، مولانا عبدالغفور مَفتون همايونيءَ، مرزا قليچ بيگ وغيرهہ جي شاعريءَ جي هر هنڌ هاڪ ۽ ڌاڪ هُئي. علامہ تارڪ جي وقت لاڙڪاڻو عروضي شاعريءَ جو مرڪز ۽ آماجگاهہ هو. لاڙڪاڻي ۾ فقير علي محمد قادريءَ جي اوطاق تي شاعرن جون محفلون مچنديون رهنديون هيون ۽ غزل کي گهڻو پسند ڪيو ويندو هو. علامہ نجفي سائينءَ گهڻي کان گهڻو غزل چيو آهي؛ ٻئي نمبر تي ڪافيون چيون اٿس. ڪافين ۾ ڪلاسيڪي رنگ نهايت جهجهو ۽ جالارو آهي. غزل ۾ وري تصوف جو هُڳاءُ ۽ هُٻڪار نرالو ۽ جُداگانو آهي. مطلب تہ غزل ۽ ڪافين ۾ طبع جا خوب ۽ خوبصورت جوهر ڏيکاريا اٿس. درحقيقت علامہ نجفي بنيادي طور هڪ درويش صفت ۽ صوفي منش انسان هو؛ حضرت عشق تہ سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو. عشق کي ئي بنياد بڻائي علامہ مڙئي منزلون طئہ ڪيون آهن. اِهو سڀ ڪجهہ هن تحقيقي مقالي ۾ داخل ٿيل آهي.

علامہ تارڪ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ سرفروشي، حق شناسي، خُدا پرستي، تصوف، عاشقي، محبوب تان سر فدا ڪرڻ، محبوب کي التجائون، آزيون نيزاريون ڪرڻ، محبوب کي پرچائڻ لاءِ ميڙون منٿون ڪرڻ، معشوق جون سڀ ادائون، ناز ۽ نخرا سر تي سهڻ، سر ڏئي سوڀ ونڻ ۽ سُرهو ٿيڻ، حق ۽ سچ جي واٽ تي هلڻ وغيرهہ اهم آهي. اهڙيون ڪيتريون ئي ٻيون بہ خاصيتون علام نجفيءَ جي شاعريءَ ۾ موجود آهن ۽ علامہ سڏيءَ راهہ تي هلڻ جي پڻ تلقين ڪري ٿو. لالچ ۽ لوڀ، ڪيني ۽ ڪَدُورت، بُغض ۽ بي حيائيءَ کان پري پچڻ جي هدايت ۽ نصيحت ڪري ٿو. اهڙي ڪا بہ شئي نہ آهي جيڪا علامہ جي ڪلام ۾ موجود نہ هُجي.

علامہ محمد هدايت علي عالمؔ، شاعر ۽ اديب هو پر ان سان گڏوگڏ موسيقيءَ جو ماهر ۽ سُٺو ڳائڻو پڻ هو. يڪتاري ۽ چپڙيءَ سان پنهنجو ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام نهايت سُهڻي سُر تار ۾ ڳائيندو هو. تارڪ سائينءَ وٽ هميشہ چار ڳائڻا هَڪيو حاضر هوندا هئا جن جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "لالوءَ جو لال" ۾ ڪيو آهي. مختصر تہ علامہ جو سمورو ڪلام تصوف جي رنگ ۾ رَچيل آهي. سندس غزل هجن يا ڪافيون هجن تن ۾ تصوف جي ڪيترن ئي نُقطن کي نروار ۽ نشانبر ڪري وچي پار پهتو آهي.

شوق صاحب جي ڪتاب ۾ پروفن جون ڪيتريون ئي غلطيون آهن. ڪتاب جي مُنڍ ۾ 1978ع کي 1987ع ڪري غلط لکيو ويو آهي ۽ هن مقالي جي صفحي 13هين تي ٽيندڙ کي ٽيندر ڪري لکيو ويو آهي. صفحي 14هين تي ڊاڪٽر شوق صاحب لکي ٿو مون علامہ تارڪ جا 42 ڪتاب سيد اظهر گيلانيءَ وٽ ڏٺا. وري صفحي 32هين تي علامہ جي نثر ۽ نظم جي 43 ڪتابن جو ذڪر ڪري ٿو جڏهن تہ علامہ جي تصنيفن جي فهرست ۾ 40 ڪتابن جو انگ ظاهر ڪري ٿو. جڏهن تہ حفيظ الرحمان حفيظ بهاولپوريءَ جي حوالي سان آهي تہ "علامہ ني سينڪڙون ڪتابين لک ڈالين." هن مان واضح آهي تہ علامہ جي ڪتابن جو تعداد 40 نہ آهي، نہ وري 50 ۽ نہ وري سَوَ جي لڳ ڀڳ آهي. صفحي 22هين تي ٺوڙهي شريف بجار کي ٺوڙهي شريف پيچوها ڇاپايو ويو آهي. سالڪ جي ولادت جو سال 1288هہ آهي جنهن کي ساڳي صفحي تي 1388هہ لکيو ويو آهي. صفحي 26هين تي علامہ سائينءَ جو هڪ پورو غزل ڏنو ويو آهي جنهن جي پنجن مصرعن مان "نہ" لفظ ڪڍيو ويو آهي. جيئن هڪ سٽ آهي "سپ ڪيش کان بيگانہ، ڪافر نہ مسلمان" صحيح طرح ڪليات تارڪ سنڌي (قلمي) ۽ ديوان تارڪ (1989ع) ۾ هن ريت آهي:

**سپ ڪيش کان بيگانہ، نہ ڪافر نہ مسلمان**

هر قافيي کان پوءِ نہ لفظ اچڻ گهرجي جيڪو هت حذف ڪيو ويو آهي. صفحي 30هين تي سندي کي سنڌي ۽ تنقيد کي تن قيد ڪري ڇاپيو ويو آهي. صفحي 34هين تي دادن فقير کي لاڙڪاڻي وارو سڏيو ويو آهي جيڪو دُرست نہ آهي. درحقيقت دادن فقير ڳوٺ مياناداد چنجڻيءَ ۾ ڄائو هو. ڪجھ وقت نصير آباد ۾ پڻ رهيو. پوءِ راڏڻ (تعلقي ميهڙ) هليو ويو جتي وفات ڪيائين. صفحي 38هين تي "قالب ۾ هيئت" جيڪو قالب ۽ هيئت ٿيڻ گهربو هو. ساڳئي صفحي تي سنڌي جي نہ بلڪِ سنڌ جي درست آهي. صفحي 39هين ادبي نہ پر ادب صحيح آهي. صفحي 43هين تي سملين کي سيلن لکيو ويو آهي. صفحي 44هين تي نمونن کي نمومن ڪيو ويو آهي. صفحي 47هين تي علامہ نجفي سائينءَ جو هڪ غزل ڏنو ويو آهي

جنهن ۾ هيءَ بند نہ آهي:

**نہ ڪنهن کي آهہ طاقت حڪم تنهنجي کان جو منهن موڙي**
**اگر آهي وليّ الله يا ڪو چور زاني آهہ (ڪلياتِ تارڪ - قلمي)**

ساڳئي صفحي تي شمس العلماءَ کي شمس العماء ۽ مرزا افضل کي مرزا فاضل لکيو ويو آهي. صفحي 48هين تي حاشيي ۾ تخلص کي تخلق، صفحي 49هين تي اُردو لفظ لُٽ کي لُڙ ڪيو ويو آهي. صفحي 50هين تي زمانو زمان ۽ سال 1995ع لکيل آهي جيڪو سراسر غلط آهي؛ درست سال 1923ع آهي. مذڪوره مقالي ۾ ٻُڍل فقير جي وفات جو سال 1939ع لکيل آهي جيڪو سراسر غلط آهي. (صفحو 68) ٻُڍل فقير جي وفات جو درست سال 1929ع آهي.

**ڪجهہ علامہ تارڪ سائينءَ جي تصنيفن متعلق**

هن مقالي ۾ علامہ سائينءَ جي تصنيفن جو تعداد 40 لکيو ويو آهي. انهن مان ڪن جون تاريخون درست آهن تہ ڪن جون غلط درج ٿيل آهن. علامہ جي 40 تصنيفن کان سواءِ ڪجهہ تصنيفن جا نالا معلوم ٿيا آهن ۽ ڪن جون وري فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون هن فقير وٽ موجود آهن جن جو تفصيل بعد ۾ ڏنو ويندو.

هن مقالي ۾ مثنوي بُرهان الواصلين فهرست ۾ نائين نمبر تي آهي. هيءَ مثنوي قرآن شريف جي چند آيتن جو ترجمو آهي. هن مثنويءَ جا ٻہ نُسخا آهن. سيد اظهر گيلانيءَ جي چواڻي تہ مرزا اسد بيگ وٽ محفوظ آهي پر مرزا صاحب کان پُڇيو ويو تہ جواب نفيءَ ۾ آيو. (ص: 186) هن مثنويءَ جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ڊيمي سائيز سيد اظهر گيلانيءَ جي قائم ڪيل علامہ تارڪ لئبريري گهوٽڪيءَ ۾ 2008ع ۾ مون ڏني. ٻي ڪاپي حاجي احمد نواز پيچوهي وٽ مون ڏني جيڪا فل اسڪيپ پيپر تي آهي. هن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مون وٽ موجود ۽ محفوظ آهي. هيءَ 47 صفحن تي آهي. هن مسودي جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ ستين جمادي الثاني 1351هہ / نائين آڪٽوبر 1932ع آهي.

ڪتاب نمبر 18 ديوان تارڪ اُردوءَ لاءِ صفحي 187 هين تي شوق صاحب لکي ٿو "هيءُ تارڪ جي اُردو غزلن جو نامڪمل ديوان آهي. هِن ڪتاب ۾ رديف خ تائين غزل ڏنا ويا آهن. ٻيا غزل گم آهن. هيءُ ڪتاب 40 صفحن تي پکڙيل آهي."

ديوان تارڪ اُردو هڪ مڪمل ديوان آهي، جيڪو علامہ تارڪ لئبريري گهوٽڪيءَ ۾ موجود ۽ محفوظ آهي. هن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مون ورتي آهي. هن ۾ 200 غزل آهن ۽ 133 صفحن تي مشتمل آهي. هن جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ 6هين مارچ 1936ع بمطابق يارهين ذوالحج 1354هہ آهي. ڊاڪٽر شوق صاحب جيڪو ذڪر ڪيو آهي سو ڪنهن حد تائين صحيح آهي. اهو نسخو بہ علامہ تارڪ

لئبريريءَ ۾ موجود آهي. ان جا باقي غزل ڪنهن ٻئي نسخي ۾ هوندا. ڪتاب نمبر 25هين صفحي 188هين تي راز اظهار آهي جنهن لاءِ ڊاڪٽر شوق صاحب لکيو آهي ”تارڪ فقير کي عطار جو ڪلام گهڻو پسند هو. عطار جو گهرو مطالعو ڪيو هئائين. راز اظهار عطار جي مشهور تصنيف بيسر ناما عطار جو منظوم سنڌي ترجمو آهي. هيءُ ڪتاب 16 صفحن تي مشتمل آهي جيڪو 1362هه بمطابق 1940ع ۾ لکجي پورو ٿيو.“

ڊاڪٽر نواز علي شوق هتي جيڪا راز اظهار جي پوري ٿيڻ جي تاريخ لکي آهي سا بلڪل غلط آهي. جڏهن علامه تارڪ سائينءَ جي وفات جو سال 1939ع مطابق 1358هه آهي ته پوءِ حضرت علامه تارڪ هيءَ مثنوي ڪيئن ترجمو ڪئي. هن مثنويءَ جي فل اسڪيپ تي فوٽو ڪاپي مون وٽ موجود آهي. هن جا 07 صفحا آهن. هن جي ٻي ڪاپي حضرت علامه تارڪ لئبريري گهوٽڪيءَ ۾ اصل مسودي جي صورت ۾ موجود ۽ محفوظ آهي. هن جي پهرئين صفحي تي ڪتاب جي تاريخ 22 – 08 – 1930ع لکيل آهي. ڪتاب نمبر 39هين تحفته الڪرام جو ذڪر صفحي 190هين تي درج ٿيل آهي. هن ڪتاب لاءِ ڊاڪٽر شوق لکيو آهي ته 400 صفحن تي مشتمل آهي جيڪو درست نه آهي. هيءُ ڪتاب اسان لاءِ انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت رکي ٿو. هن جو ترجمو حضرت علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ ڪيو آهي، جيڪو 784 صفحن تي ڦهليل آهي. هن ۾ مير علي شير قانع جا ٽيئي جُلد اچي وڃن ٿا. ڪتاب جي شروعات جونِ 1937ع ۾ ٿي ۽ علامه سائينءَ فيبروريءَ 1938ع تي ”تذڪر ةالعظام“ ترجمئه تحفته الڪرام“ جي نالي سان پورو ڪيو. هن جي مڪمل فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مون وٽ محفوظ ۽ موجود آهي. هيءُ مڪمل مسودو اسان جي ادبي ادارن کي شايع ڪرڻ گهرجي. تحفته الڪرام کان پوءِ ڪتاب نمبر 40هين ”عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب“ جي ذڪر تي علامه جي تصنيفن کي پورو ڄاڻائي ٿو. هن ڪتاب جو اصل نالو علامه تارڪ ”سلڪ الاقارب ترجمئه عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب“ رکيو. ڊاڪٽر شوق جنهن مسودي جو ذڪر ڪيو آهي شايد اُن تي نالو لکيل نه هجي. ڊاڪٽر هن ڪتاب لاءِ ڄاڻايو آهي ته 190 صفحن تي آهي ۽ هن جو سن لکيل نه آهي.

هن مسودي جو هڪ ٻيو نسخو سال 2005ع ڌاري مون کي قمبر مان هڪ دوست وٽان حاصل ٿيو. مون ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪرائي پاڻ وٽ محفوظ ڪيو آهي. علامه تارڪ سائينءَ هن مخطوطي جي مصنف جو نالو سيد جمال الدين بن احمد بن علي بن الحسين بن مهنا بن عتبته الاصغر الداودي الحسني لکيو آهي، جيڪو ڪتاب جي پهرئين ئي صفحي تي ڏنل آهي. علامه نجفي تارڪ هن ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ جو سال 4ين آگسٽ 1934ع ڏينهن چنڇر لکيو آهي ليڪن ڊاڪٽر نواز

علي شوق نہ ڪتاب جي مصنف جو نالو ۽ نہ وري ڪتاب جي پوري ٿيڻ جو سال ڄاڻايو آهي. هيءُ مسودو 496 صفحن تي ٻڌل آهي.

هن مقالي جي ذڪر پوري ڪرڻ کان پوءِ حضرت علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جي انهن تصنيفن ۽ ترجمن جو بيان ضروري سمجهي هتي ڏيان ٿو تہ جيئن علامہ سان محبت ۽ عقيدت رکندڙن کي سُڌ پوي.

1. **اُستاد فارسي:** هيءُ ڪتاب مولانا مولوي حاجي الاهي بخش ڳوٺ ٻانهي لاکِيَرَ جو آهي جنهن کي علامہ تارڪ ميان غلام عمر ولد مولانا مولوي ميان محمد محبت الله تونئي ساڪن نوڙهي شريف جي فرمائش تي لکي پورو ڪيو. هن ۾ 49 صفحا آهن. هيءُ ڪتاب ستين شعبان سن 1354هہ تي مڪمل ڪيائين. هن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مون وٽ موجود آهي.
2. **اُستاد فارسي (لُغت):** هيءُ 25 صفحن تي مشتمل آهي. هن جي پوري ٿيڻ جي تاريخ نہ آهي.
3. **ڪتاب الصيدوالذبائح عرف ذبح شڪار سنڌي:** هيءَ اصل تصنيف مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي آهي. هن ڪتاب جو ترجمون سُڌاريل اضافن سميت فقير اثيم ابوالبرڪات عبدالڪريم انصاريءَ ڪيو جنهن کان پوءِ علامہ تارڪ نائين صفرالمظفر 1357هہ تي لکي پورو ڪيو. هن ۾ ڪل 80 صفحا آهن. هن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مون وٽ آهي.
4. **خطن جو ڪتاب:** هن جا ٻہ باب (الف – خانگي خط – ب سرڪاري خط) صفحا 225 (ڪل خط 175) سال 1934ع کان شروع ڪري 16هين مئي 1937ع بمطابق پنجين ربيع الاول 1356هہ ڏينهن آچر، وقت ظهر، موسم گرم ۾ لکي پورا ڪيائين. هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لئبريريءَ ۾ موجود آهي.
5. **نيشان علي فقير ۽ دولهہ درياهہ خان جو ڪلام:** هيءُ مسودو مرحوم خادم حسين شاهہ جي ذاتي لئبريريءَ ۾ موجود آهي. هن جو سَن معلوم نہ آهي.
6. **جواهرالقرآن:** اصل مترجم مولانا رفيع الدين آهي جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو حضرت علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ ٽين رمضان المبارڪ 1349هہ بمطابق 23هين جنوريءَ 1931ع جمعي، وقت ظهر، موسم سياري ۾ لکي پورو ڪيو. هيءُ 193 صفحن تي مشتمل آهي. هن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مون وٽ آهي.
7. **قصيده وحدت جو اسرار ترجمۂ قصيدۂ عطار:** هيءُ ڪتاب 14 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ڪلياتِ تارڪ سنڌيءَ (قلمي) ۾ داخل آهي. هن ڪتاب جو ٻيو نسخو برهہ جو بهار ترجمہ قصيده عطار جي نالي سان آهي. هن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي

مون وٽ آهي. هن جا 12 صفحا آهن. هن جي پوري ٽيڪ جي تاريخ 7ين ڊسمبر 1931ع برابر چوويهين رجب 1350هه، ڏينهن سومر، وقت عصر آهي.

8. **مسدس حالي:** هن ڪتاب جو ترجمو علامه تارڪ فارسيءَ ۾ ڪيو آهي. هيءُ نسخو ڊاڪٽر نواز علي شوق جي لئبريريءَ ۾ موجود آهي. هن جو ذڪر ڊاڪٽر شوق فقير قادر بخش بيدل جي ڪتاب ”پنج گنج“ جي صفحي 24هين تي ڪيو آهي. پنج گنج جو ترجمون ڊاڪٽر نواز علي شوق اُردو ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ سال 2000ع ۾ شايع ڪيو آهي.
9. **قرة العينين في مناقب السبطين:** ان جو جو مصنف فقير عبدالقادر المعروف قادر بخش بيدل آهي. هن نسخي جي ڪتابت علامه تارڪ سائينءَ ڪئي آهي. هن نسخي جون ٻه ڪاپيون آهن، هڪ علي اطهر موساڻي صاحب جي ملڪيت آهي ۽ ٻي سيد عبدالحسين شاهه موسويءَ جي ملڪيت ۾ شامل آهي. هن نسخي جي ڪتابت تاريخ 30هين ذوالقعد 1334هه / 29هين سيپٽمبر 1916ع آهي. هيءُ ڪتاب نوشاد علي جعفريءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري متن تحقيقي حاشيو ۽ مقدمو لکي موج پبليڪيشن روهڙيءَ طرفان 2011ع ۾ پڌرو ڪيو آهي.
10. **آثارالعرفان ترجمو سور الفرقان:** هيءُ مثنويءَ جي صورت ۾ آهي جيڪو علامه سائينءَ 1351هه / 1932ع تي لکي پورو ڪيو.
11. **بيدل جو رسالو:** هيءُ ڪتاب علام تارڪ لئبريريءَ ۾ موجود ۽ محفوظ آهي. هن جي ڪتابت جو سن معلوم نه آهي.
12. **نواب ولي محمد لغاريءَ جو ڪلام:** هن نسخي جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نواب ولي محمد لغاريءَ جي ڪلام ۾ ڪيو آهي.
13. **فيض دريا شاهه جو ڪلام:** علامه سائينءَ هيءُ ڪتاب 25هين سيپٽمبر 1934ع تي لکي مڪمل ڪيو. هيءُ نسخو علامه تارڪ لئبريريءَ ۾ موجود آهي. هيءُ ڪتاب عبدالغنيءَ پٽنيءَ ترتيب ڏيئي سپنا ڪتاب گھر شڪارپور جي پاران سال 2002ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.
14. **فهرست مضامين:** هن نسخي ۾ ڪيترن ئي شاعرن جهڙوڪ: شاهه نصير، صفي الله شاهه، حفيظ تيوڻي ۽ ٻين جو ڪلام درج ٿيل آهي. انهن ڪان سواءِ علامه پنهنجون ٽي مثنويون راز اظهار، نظم مقبول ۽ برهان الواصلين جمع ڪيون آهن. هيءُ نسخو حاجي احمد نواز پيچوهي جي پونين وٽ آهي. هيءُ مسودو 344 صفحن تي مشتمل آهي.
15. **ديوان مير جان الله شاهه رضوي:** هن نسخي جي ڪتابت علامه تارڪ سائينءَ ڪئي آهي. ٻه چار سال ٿيندا جو هيءُ ديوان (فارسي) ڇپجي چُڪو آهي. هن

وقت هيءُ نسخو سيد عبدالحسين موسويءَ جي ملڪيت آهي.

16. **ڪليات نثر بيدل:** هن ڪليات ۾ بيدل سائينءَ جون مختلف مثنويون آهن جن جي ڪتابت حضرت علامه تارڪ سائينءَ ڪئي آهي. هيءُ مسودو ڪيترن ئي صفحن تي ٻڌل آهي. هن نسخي جي ڪتابت جو سال 29هين سيپٽمبر 1916ع بمطابق ٽيهين ذوالقعد 1334 هجري آهي.

بيدل سائينءَ جون هي مثنويون سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري 2012ع ۾ ڪتابي صورت ۾ هڪ هنڌ "احوال و آثار عبدالقادر بيدل صوفي القادريءَ" جي نالي سان ڇپائي پڌريون ڪيون آهن، جن جو تصحيح و تعليق ۽ مقدمو ڊاڪٽر عبدالغفار سومري لکيو آهي. اصل مسودو سيد عبدالحسين موسويءَ جي حق ملڪيت ۾ شامل آهي.